ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 07 جنوري 2026ع 17 رجب المرجب 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (145)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

حيسڪو ۽ سيپڪو کي به نجڪاري جي ٻئي مرحلي ۾ خانگائڻ جو فيصلو: نجڪاري ڪميشن جي وزيراعظم کي آگاهي

ملڪ ۾ خساري جو شڪار رياستي ملڪيتي ادارن جي نجڪاري حڪومت جي پهرين ترجيح ۾ آهي: وزيراعظم

پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز جي ڪامياب نجڪاري برسات جو پهريون ڦڙو آهي، نجڪاري ڪميشن جي منصوبن جي عالمي معيار جي فرم کان ٿرڊ پارٽي آڊٽ ڪرائي وڃي

نجڪاري ڪميشن ۾ سڌارن جي حوالي سان ڪم تيز ۽ نجڪاري ڪميشن ۾ نجي شعبي ۽ مارڪيٽ مان بهترين صلاحيتون رکندڙ لاڳاپيل افرادي قوت کي مقرر ڪيو وڃي

نجڪاري ڪميشن جي منصوبن جي عالمي معيار جي فرم کان ٿرڊ پارٽي آڊٽ ڪرائي وڃي ۽ نجڪاري ڪميشن ۾ پبلڪ ريليشنز ۽ مارڪيٽنگ جي شعبي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي

نجڪاري ڪميشن ۾ مارڪيٽ مان فنانس، هيومن ريسورس، قانون، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيا مئنيجمينٽ جي حوالي سان ايڊوائيزرز ڀرتي ڪيا ويندا: وزيراعظم کي بريفنگ

بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري کي شروعاتي طور تي ٽن بيچز ۾ رکيو ويو آهي، پهرين بيچ ۾ اسلام آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني، گوجرانوالا اليڪٽرڪ پاور ڪمپني ۽ فيصل آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي نجڪاري ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته خساري جو شڪار رياستي ملڪيتي ادارن جي نجڪاري حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ آهي، پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز جي ڪامياب نجڪاري برسات جو پهريون ڦڙو آهي، نجڪاري ڪميشن ۾ سڌارن جي حوالي سان ڪم تيز ۽ نجڪاري ڪميشن ۾ نجي شعبي ۽ مارڪيٽ مان بهترين صلاحيتون رکندڙ لاڳاپيل افرادي قوت کي مقرر ڪيو وڃي، سمورين مقررين انتهائي شفاف انداز ۾ ڪيون وڃن، نجڪاري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ زرعي سڌارن بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

اسلام آباد ۾ ڪوهيڙن ٽريفڪ پوليس پاران شهرين کي احتياط جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بلاول ڀٽو سان سيد اويس قادر شاهه جي ملاقات، پارلياماني معاملن تي ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺل آهي

نائب وزيراعظم سان ايران جي سفير رضا اميري مقدم جي ملاقات

ايراني سفير ٻطرفي ادارجاتي مڪينزم تحت تعاون کي مضبوط بڻائڻ جو عزم ورجايو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ايران جي سفير رضا اميري مقدم ڪالهه

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪا، وينزويلا سان جنگ جي حالت ۾ ناهي: صدر ٽرمپ

اسان جون ڪارروائيون منشيات فروشن ۽ ڏوهه ڪندڙ عنصرن خلاف آهن

آمريڪا کي ملڪ کي "صحتمند حالت ۾ واپس آڻڻ" لاءِ مرحليوار قدم کڻڻا پوندا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ دهشتگردي ڀارت جي سرپرستي ۾ ٿئي ٿي، خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردن کي سازگار سياسي ماحول ڏنو پيو وڃي: پاڪ فوج

گذريل سال سڄي ملڪ ۾ انٽيليجنس بنياد تي 75 هزار آپريشن ڪيا ويا ۽ دهشتگردي جا 5400 واقعا پيش آيا، جنهن ۾ 1235 قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ۽ عام شهري شهيد ٿيا

سال 2025ع ۾ 2597 دهشتگرد به ماريا ويا، "فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جو ڳڙهه افغانستان ۾ آهي ۽ هڙئي دهشتگرد تنظيمون افغانستان ۾ موجود آهن، جتي انهن جي پرورش ڪئي پئي وڃي

گذريل سال پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي جي 10 وڏن واقعن ۾ افغان شهري ملوث هئا، افغانستان سڄي دنيا جي دهشتگردن لاءِ پناهه گاهه بڻجي چڪو آهي، جتي القاعده داعش جا دهشتگرد اڃا موجود آهن

گذريل سال دهشتگردي سان لاڳاپيل واقعن جو گڏيل جائزو ورتو ويندو، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اهم قدم کنيا ويا آهن، دهشتگردن جو پاڪستان، اسلام ۽ بلوچستان سان ڪو به واسطو ناهي

دنيا پاڪستان جي دهشتگردي خلاف کنيل قدمن کي ساراهيو آهي، دهشتگردي خلاف جنگ سڄي قوم جي جنگ آهي ۽ اهو بلڪل واضح آهي ته دهشتگردي خلاف هي جنگ اسان کي طاقت سان کٽڻي آهي

نيشنل ايڪشن پلان تي سڀني سياسي جماعتن جو اتفاق آهي، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد ضروري آهي، خارجين بابت الله جو حڪم آهي ته جتي به ملن کين ماري ڇڏيو

آمريڪا افغانستان ۾ 7 ڏهائي 2 ارب ڊالر جو جديد ترين هٿيار ڇڏي ويو، افغان طالبان پنهنجي تنظيمي طرز تي ٽي ٽي پي کي تيار ڪن ٿا، افغان طالبان وار اڪانومي هلائڻ لاءِ دهشتگردي کي اسپانسر ڪن ٿا

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌريءَ جو چوڻ آهي ته دهشتگردي جا 80 سيڪڙو واقعا خيبرپختونخوا ۾ ٿيا، جنهن جو ڪارڻ اهو آهي ته ڪي پي ۾ دهشتگردن کي سازگار سياسي ماحول فراهم ڪيو ويندو آهي، جڏهن ته گذريل سال پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي جي 10 وڏن واقعن ۾ افغان شهري ملوث هئا. اڄاري ڏينهن پريس

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق پارليامينٽ لاجز جي نئين تعميراتي ڪم جو معائنو ڪري رهيو آهي

اسان ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ درجنين افغان پوسٽن جو نالو نشان ئي ختم ڪري ڇڏيو: آءِ ايس پي آر

جڏهن به اسان دهشتگردن خلاف ڪارروائيون ڪيون ته اهو چيو ويو ته انهن سان ڳالهيون ڪيون وڃن: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف

هندستان جڏهن "آپريشن سندور" ۾ ٻارن ۽ عورتن کي نشانو بڻايو، هندستان ڪير آهي جو اسان جي ڪنهن به شهري کي نشانو بڻائي

ڪنهن به هندستان کي اهو حق ناهي ڏنو ته هو پاڪستان جي ڪنهن به شهري يا انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچائي

راولپنڊي (م ڊ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته جڏهن اسان دهشتگردن خلاف ڪارروائيون ڪيون ته اهو چيو ويو ته انهن سان ڳالهيون ڪيون وڃن. 2023ع ۾ پاڪستاني رياست دهشتگردن خلاف بيٺي رهي، سوال ڪيو وڃي ٿو ته 5397 تمام وڏو انگ آهي، ها، اهو واقعي وڏو انگ آهي، روزاني بنياد تي ايترا آپريشن ڪيا وڃن ٿا، زندگي ۾ ڪجهه شيون اهڙيون به هونديون آهن جن لاءِ وڙهڻ نه رڳو ضروري پر جائز به هوندو آهي، اسين

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي جيڪب آباد آمد، سيشن ڪورٽ ۽ سول ڪورٽ جا دورا، لائبريري جو افتتاح

چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت سيشن ۽ سول ڪورٽ جو دورو ڪيو، ججز ۽ ڊي بي اي صدر سان ملاقات

ڊي بي اي پاران پروقار تقريب، چيف جسٽس کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا

چيف جسٽس پاران وڪيلن لاءِ لائبريري، سولر سسٽم، ايئر ڪنڊيشنر ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ جو اعلان

جيڪب آباد (ڊ ر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي جيڪب آباد آمد، سيڪيورٽي جا انتظام سخت، سيشن ڪورٽ ۽ سول ڪورٽ جا دورا ۽ لائبريري جو افتتاح، ڊسٽرڪٽ بار لاءِ سولر سسٽم، 2عدد اي سي وغيره جو اعلان. خبر موجب: سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت پنهنجي ٽيم جسٽس شمس عباسي سميت ٻين سان گڏ سخت سيڪيورٽي سان جيڪب آباد جي دوري تي پهتو جتي هن سيشن ڪورٽ سميت

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ظفر راجپوت بار کي خطاب ڪري رهيو آهي

زرعي شعبي ۾ سڌارن ۽ آبادگارن کي عالمي سطح تي لاڳو طريقن کان متعارف ڪرائڻ جي هدايت

زرعي شعبي ۾ ترقي جي ڀرپور صلاحيت موجود آهي زرعي روانگي واپار وڌائڻ جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙي وڃي: وزيراعظم

زرعي جنسن جي پراسيسنگ سان برآمدات جي قابل شين جي تياري جي لاءِ پاليسي سطح تي قدم کنيا پيا وڃن

گهٽ مدي واري سڌارجاتي فريم ورڪ تحت پاڪستان جي موجوده في ايڪڙ سراسري پيداوار کي موجوده وسيلن ۾ رهندي وڌايو ويندو: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف زرعي شعبي ۾ سڌارن ۽ آبادگارن کي عالمي سطح تي لاڳو طريقن کان متعارف ڪرائڻ جي حڪومت جي اولين ترجيح قرار ڏيندي چيو آهي ته زرعي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪنهن به صورت ۾ روڪيو نه ويندو: آءِ جي سنڌ

اغوا براءِ تاوان ۽ ڦرلٽ ۽ سنگين ڏوهن جو مڪمل خاتمو سنڌ پوليس جو بنيادي هدف آهي: جاويد عالم

پوليس کي جديد هٿيار، مواصلاتي نظام ۽ ٻيا ضروري وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن

سڄي صوبي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيو پيو وڃي

گهوٽڪي/اوباوڙو (نمائندن وٽان) اوباوڙو آءِ جي سنڌ جاويد عالم روئنتي ڪچي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو. آءِ جي سنڌ اسد شاهه دمدمو بچاءِ بند سميت حساس هنڌن جو جائزو وٺي رهيو آهي عهدو سنڀالڻ کان پوءِ آءِ جي سنڌ جو ڪچي واري علائقي جو پهريون دورو ڪيو آءِ جي سنڌ ڪچي ۾

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر پاران پارليامينٽ لاجز جو دورو

104 اضافي فيملي سوئٽس منصوبي تي ڪم جي اڳڀرائيءَ جو جائزو

طلال چوڌري منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آڻڻ جي خاطري ڪرائي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق گذريل ڏينهن پارليامينٽ لاجز جو دورو ڪيو ۽ تعمير

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سلمان اڪرم راجا جو بيرسٽر گوهر کي پارٽي چيئرمين مڃڻ کان انڪار

پارٽي چيئرمين رڳو عمران خان آهي ٻيو ڪو نه، اي سي پي جابر آهي: سلمان اڪرم

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو سان پ پ اڳواڻن ۽ اسيمبلي ميمبرن جون ملاقاتون، عوامي مسئلن تي تفصيلي ڳالهيون

شڪارپور، جيڪب آباد ۽ دادو جي عوامي مسئلن ۽ ترقياتي ضرورتن بابت بلاول هائوس ۾ بريفنگ ڏني وئي

امتياز شيخ، شير محمد مغيري، فياض بٽ، سينيٽر شيري رحمان ۽ اسپيڪر سيد اويس شاهه سان سياسي صورتحال تي صلاح مشورا

پيپلز پارٽي عوامي مسئلن جي حل ۽ سنڌ جي ترقي کي اوليت ڏيندي رهندي آهي: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ اسيمبلي جي مختلف ميمبرن ۽ پارٽي اڳواڻن بلاول هائوس ۾ الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون جن دوران لاڳاپيل علائقن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان سان سول ايوي ايشن اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل نادر شفيع ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ بنگلاديشي فوج وچ ۾ دفاعي سهڪار مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

بنگلاديش فضائيا جي سربراهه حسن محمود خان جي ايئر هيڊ ڪوارٽرز اسلام آباد آمد تي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

ايئر چيف ظهير احمد بابر سڌو بنگلاديش جي فضائيه جي سربراهه جي آجيان ڪئي ۽ گڏيل تربيتي سهڪار جي خاطري ڪرائي

پاڪ - بنگلاديش دفاعي لاڳاپن کي ڊگهي مدي جي اسٽريٽجڪ ڀائيواري ۾ تبديل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ بنگلاديش جي فضائي فوجن وچ ۾ دفاعي سهڪار مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب بنگلاديش فضائيا جي سربراهه حسن محمود خان جي ايئر هيڊ ڪوارٽرز اسلام آباد آمد تي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو، ايئر چيف ظهير احمد بابر سڌو سنلس

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن منصوبي جي ڪارڪردگي عالمي بينڪ طرفان اطمينان جوڳي قرار ڏني آهي: شرجيل ميمڻ

فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن منصوبو معاشي ۽ سماجي استحڪام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي بحالي کي پهرين اوليت ڏني ۽ محدود وسيلن جي باوجود شفافيت، رفتار ۽ اثرائتي عملدرآمد کي يقيني بڻايو

منصوبي تحت 7.2 ملين ماڻهن جي بحالي، جن ۾ 3.4 ملين عورتون شامل آهن سنڌ حڪومت صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته عالمي بينڪ طرفان سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن منصوبي جي ڪارڪردگي کي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

راندين واري کاتي پاران ڪراچي ۾ "گرلز ونٽر اسپورٽس فيسٽيول" منعقد

ڪراچي ۾ گرلز ونٽر اسپورٽس فيسٽيول ۽ ڪامياب ڪراٽي رانديگرن کي سنڌ حڪومت پاران انعام تقسيم

سريلنڪا ۾ نائين ساؤٿ ايشين ڪراٽي چيمپئن شپ ۾ ڪامياب سنڌي رانديگرن ۾ 6 لک رپيا ڪيش انعام ورهايا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي راندين واري کاتي جي اهتمام هيٺ ضلعي ڏکڻ ڪراچي ۾ "گرلز ونٽر اسپورٽس فيسٽيول" جو انعقاد ڪيو ويو ٻئي طرف، نائين ساؤٿ ايشين ڪراٽي چيمپئن شپ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ سنڌ جي رانديگرن ۾ 6 لک رپيا انعامي رقم ورهائڻ جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ميانمار جي پرڏيهي وزير يوٿان سوي سان فون تي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ميانمار جي پرڏيهي وزير يوٿان سوي سان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ چار مبينا مقابلا، ٻه ڦورو مارجي ويا، 7 گرفتار

پاڪ ڪالوني ۽ سهراب ڳوٺ ۾ مقابلي دوران ٻه ڦورو مارجي ويا، هڪ زخمي گرفتار

مومن آباد ۾ چار جوابدار زخمي حالتن ۾ گرفتار ڪيا ويا، هٿيار ۽ چوري ٿيل سامان هٿ

گلشن معمار ۾ ٻه جوابدار گرفتار، هڪ فرار ۽ هڪ زخمي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ چار مبينا مقابلا ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڦورو مارجي ويا ۽ ڪل ست ملزم گرفتار ٿيا، جن ۾ ڇهه زخمي به شامل آهن جڏهن ته هڪ ڦورو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پهريون واقعو پاڪ ڪالوني پوليس جي جهان آباد علائقي ۾ پيش آيو جتي ڪن ڦورن کي مبينا مقابلي دوران سخت حالت

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف هائيڊرو اليڪٽرڪ ليبر يونين جي احتجاجي مظاهري کي عبداللطيف نظاماڻي خطاب ڪري رهيو آهي

آڪٽوبر کانپوءِ ڊونلڊ ٽرمپ سان ڪو رابطو ناهي، وينزويلا جي اپوزيشن اڳواڻ ماريا ڪورينا ماچادو جو انڪشاف

واشنگٽن (اي پي پي) وينزويلا جي اپوزيشن اڳواڻ ۽ نوبل امن انعام ماڻيندڙ ماريا ڪورينا ماچادو چيو آهي ته آڪٽوبر 2025ع کانپوءِ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان سندس ڪا ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: بلديه رئيس ڳوٺ مان 2 هزار ڪلو بارودي مواد ضبط، ٽي دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي ڪارروائي دوران حساس معلومات جي بنياد تي ڇاپو هڻي گهر مان 30 پلاسٽڪ ڊرم ۽ 5 گئس سلينڊر برآمد ڪيا

گرفتار دهشتگردن خلاف انسداد دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل، قانوني ڪارروائي جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي انسداد دهشتگردي کاتي (سي ٽي ڊي) بلديه رئيس ڳوٺ مان وڏي مقدار ۾ هٿ آيل ڌماڪيدار مواد بابت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. تفصيلن موجب ڪائونٽر ٽيررزم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) پوليس بلديه رئيس ڳوٺ ۾ سيڪيورٽي ادارن سان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

جاپان جي چوگوڪو خطي ۾ 6.2 جي شدت جو زلزلو، سونامي جو ڪو خطرو ناهي

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپان جي اولهه چوگوڪو ۾ گذريل ڏينهن 6.2 جي شدت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف جي راجا ظفرالحق جي رهائشگاهه آمد، سندس عيادت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ۽ سينيئر سياستدان راجا ظفرالحق جي رهائشگاهه ويو جتي هن راجا ظفرالحق جي عيادت ڪئي ڪالهه اڄاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ٻئنڪن مان رقم ڦرلٽ ڪندڙ ٽولو ختم، ٽي خطرناڪ ڌاڙيل مارجي ويا

ڪيماڙي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ، مارجي ويل جوابدارن وٽان ٽي پستول، گوليون ۽ موبائل فون برآمد

مارجي ويل ڌاڙيل 35 کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هئا، لياري گينگ سان لاڳاپيل هئا

ٽولو شهر جي مختلف علائقن ۾ ٻئنڪ ڦرن ۽ شاپ رابريز ۾ ملوث هو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻئنڪن مان رقم کڻندڙ شهرين کان ڦرلٽ ڪندڙ ٽولو ختم ڪري خطرناڪ ڦورو مارجي ويا ڪراچي جي علائقي ڪيماڙي پاڪ ڪالوني ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد، فيصل آباد ۽ سرگودا ۾ شديد ڪوهيڙي سبب مسافر گاڏين کي سفر ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن

تعليم واري وزير سان پرائيويٽ اسڪولز وفد جي ملاقات، فري شپ ڊيٽا ويريفڪيشن بابت خدشا ختم

ملاقات دوران وفد سنڌ ۾ پرائيويٽ تعليمي ادارن جي شاگردن لاءِ فري شپ ڊيٽا جي تصديق جي طريقيڪار تي پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا

ڊيٽا ويريفڪيشن جا معاملا هاڻي ڊائريڪٽوريٽ آف پرائيويٽ انسٽي ٽيوشنز ذريعي حل ڪيا ويندا: سردار علي شاهه

پرائيويٽ اسڪولز جو احتجاج ۽ 9 جنوري جي هڙتال واپس، تعليم واري وزير جي يقين دهاني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه سان گرينڊ الائنس آف پرائيويٽ اسڪولز ايسوسيئيشنز سنڌ جي وفد اهم ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ چيئرمين اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ذوالفقار علي شاهه، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد علي عباسي، ڊائريڪٽر جنرل پرائيويٽ اسڪولز محمد افضل، ايڊيشنل ڊائريڪٽر رفيعه ملاح سميت لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا. ملاقات دوران وفد سنڌ ۾ پرائيويٽ تعليمي ادارن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف روڊ حادثن ۾ نوجوان ۽ هڪ ٻار فوت

گل بائي چوڪ ڦاٽڪ ويجهو گاڏي جي ٽڪر ۾ 22 ساله نوجوان درشن فوت ٿي ويو

منگهو پير ۾ پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۾ 7 سالن جي ٻار عارف حياتي وڃائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل بائي چوڪ ڦاٽڪ ويجهو اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي رنڇوڙ لائين ۾ ٻن دڪانن کي باهه، سامان سڙي خاڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي رنڇوڙ لائين ۾ پورا پير ڦل گلي ۾ واقع ٻن دڪانن ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ دڪانن ۾ رکيل سامان سڙي راک ٿي ويو. فائر برگيڊ جي ترجمان موجب

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آئين جي حڪمراني ۽ نظام جي تبديلي بنا بهتري ممڪن ناهي: ڪاشف سعيد شيخ

سنڌ گيس، پيٽرول ۽ ڪوئلي سان مالا مال هوندي به 44 سيڪڙو گهراڻا گيس ۽ بجلي کان محروم

پيپلزپارٽي 17 سالن ۾ سنڌ کي ڪرپشن، ڌاڙيل راڄ ۽ بدامني جي سڃاڻپ بڻائي ڇڏيو آهي

ڪراچي/لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني، پارليامينٽ جي بالادستي ۽ عوام کي حق حڪمراني ڏيڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي ۾ گورنر سنڌ جي پير نقيب الرحمان سان ملاقات

ملاقات ۾ امن و امان، رواداري ۽ قومي اتحاد جي فروغ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

پاڪستان کي درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي اتحاد ضروري آهي: گورنر سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پير نقيب الرحمن سان راولپنڊي ۾ دربار عاليه محمديه عيدگاهه شريف ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران قومي صورتحال، امن و امان، رواداري ۽

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: دهشتگردن جو وڏو منصوبو ناڪام، 2 هزار ڪلو بارود سان ڀريل مني ٽرڪ ضبط

ڪراچي چيمبر آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري پاران سنڌ پوليس ۽ سيڪيورٽي ادارن جي ڪارڪردگي جي تعريف

بروقت ڪارروائي سبب شهر وڏي تباهي کان بچي ويو، قيمتي جانيون محفوظ رهيون: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائڻ تي ڪراچي واپارين جو ردعمل ڪراچي ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائڻ سيڪيورٽي ادارن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سنڌ پوليس جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار 200 رپين جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار 200 رپين جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي، جنهن بعد في تولو سون 4 لک 67 هزار 962 رپين جو ٿي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب گذريل ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 3 هزار 200 رپين جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌ حڪومت منصوبن ۽ انهن تي خرچ ٿيندڙ رقمن جي حفاظت لاءِ هر ممڪن اپاءُ وٺندي

اسان عوامي پئسي جو زيان نٿا چاهيون، جنهن به آفيسر کي ڪم نه ڪرڻو هجي، اهو پنهنجي گهر جو رستو وٺي

اهي منصوبا جيڪي وقت سر مڪمل نٿا ٿين، رولڙي جو شڪار آهن اهي صوبي جي معيشت لاءِ نقصانڪار آهن

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جو اسٽيبلشمينٽ آف رولرز گروٿ سينٽر چوهڙ جمالي منصوبي بابت ميٽنگ ۾ خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت عوامي منصوبن ۽ انهن تي خرچ ٿيندڙ رقمن جي حفاظت لاءِ هر ممڪن اپاءُ وٺندي آهي، جو ته ترقياتي منصوبن جي مد ۾ دير سبب اضافي رقمون خرچ ڪرائڻ پونديون آهن ان ڪري ڪوشش آهي ته منصوبا مقرر ڪيل وقت ۾ مڪمل ڪيا وڃن اهڙن خيالن جو اظهار لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي اڄاري ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ اسٽيبلشمينٽ آف رولرز گروٿ سينٽر چوهڙ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

مڪمل ثبوت موجود آهن ته ڪهڙا ڪهڙا دهشتگرد آهن ۽ ڪٿي ڪٿي کين پناهه ڏني پئي وڃي: پاڪ فوج جو ترجمان

راولپنڊي (م ڊ) آءِ ايس پي آر جي ترجمان چيو آهي ته اسان وٽ مڪمل ثبوت موجود

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

لاهور: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان مخدوم احمد محمود ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان موٽر وي تي سروس ايريا جو معائنو ڪري رهيو آهي

سالڊ ويسٽ کاتو يوسيز ۽ ٽائونن سان رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي: ناصر شاهه

وائيس چيئرمين ۽ يونين ڪائونسلن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ قانون تيار ڪيو پيو وڃي

جن ڪمپنين سان معاهدا ڪيا ويا آهن انهن وٽ مناسب مين پاور ۽ مشينري هجڻ لازمي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته شاهراهن تي ڪچرو ساڙيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي اجلاس ۾ اهو به طئي ڪيو ويو ته ڪچرو ساڙڻ ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهرين کان ڦر جي ڪوشش، ڦورو مارجي ويو، سندس ساٿي گرفتار

نارٿ ناظم آباد لنڊي ڪوتل چورنگي ويجهو موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڦر جي ڪوشش ڪئي

ڪار سوار جي فائرنگ ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، جڏهن ته ساٿي عورت ساٿي کي گرفتار ڪيو ويو

مارجي ويل جوابدار جي رضوان ۽ گرفتار عورت شمع جي نالي سان سڃاڻپ ٿي، لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڄاري جي صبح نارٿ ناظم آباد لنڊي ڪوتل چورنگي ويجهو هڪ شهري جي فائرنگ سان مبينا ڦورو مارجي ويو جڏهن ته پوليس موقعي تي پهچي مارجي ويل ڦورو جي ساٿي کي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سپر هاءِ وي تي منشيات نيٽ ورڪ جو هڪ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ويڊ ۽ ڪوڪين فراهم ڪندڙ کي رنگي هٿ گرفتار ڪيو ويو نعمان سپر هاءِ وي تي هڪ سوسائٽي مان منشيات جو نيٽ ورڪ هلائي ٿو. ڪراچي جي بلوچ ڪالوني ۾ سي آءِ اي ايس آءِ يو آپريشن دوران هڪ وڏو ڊيلر ۽ ڪوڪين فراهم ڪندڙ کي رنگي هٿ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وزيراعلى خيبرپختونخوا محمد سهيل آفريدي جي ڀرپور آجيان ڪيون ٿا: ايڊووڪيٽ حسنين چوهان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انصاف لائرز فورم ڪراچي جي اڳواڻ ۽ نالي واري قانوندان ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهان پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته 9 جنوري کان 12 جنوري تائين وزيراعلى خيبرپختونخوا محمد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

آئين کان انحراف ۽ عوامي مينڊيٽ جي توهين ناقابل قبول آهي: راجا ناصر عباس جعفري

موجوده حڪمرانن پنهنجي ذاتي مفادن خاطر ملڪ جي آئين کي سخت نقصان پهچايو آهي: زين شاهه

موجوده حڪمرانن جون ناڪام پاليسيون عوام کي شديد مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪري چڪيون آهن: حليم عادل شيخ

ڪراچي ۾ ايم ڊبليو ايم ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻن وچ ۾ سياسي صورتحال تي ملاقات، 8 فيبروري تي سڄي ملڪ ۾ پرامن احتجاجن جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۾ آئين کان انحراف، جمهوري قدرن جي کلي پامالي، عوامي مينڊيٽ جي توهين ۽ سياسي انتقام ناقابل قبول آهي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان هر حال ۾ آئين جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 پاڪ فوج

ڪانفرنس ڪندي هن گذريل سال دوران سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته گذريل سال پاڪستاني فوج دهشتگردي خلاف ڪامياب آپريشن ڪيا. هن ٻڌايو ته گذريل سال سڄي ملڪ ۾ انٽيليجنس بنياد تي 75 هزار آپريشن ڪيا ويا ۽ دهشتگردي جا 5400 واقعا پيش آيا، جنهن ۾ 1235 قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ۽ عام شهري شهيد ٿيا، جڏهن ته 2597 دهشتگرد به ماريا ويا. سندس چوڻ هو ته ”فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جو ڳڙهه افغانستان ۾ آهي ۽ هڙئي دهشتگرد تنظيمون افغانستان ۾ موجود آهن جتي انهن جي پرورش ڪئي پئي وڃي“. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري جعفر ايڪسپريس، ايف سي هيڊڪوارٽرز بنون، ڪيڊٽ ڪاليج وانا سميت دهشتگردي جي ٻين حملن بابت چيو ته گذريل سال پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي جي 10 وڏن واقعن ۾ افغان شهري ملوث هئا. ڊي جي آءِ ايس پي آر اهو به چيو ته افغانستان سڄي دنيا جي دهشتگردن لاءِ پناهه گاهه بڻجي چڪو آهي هن چيو ته ”اتي سڄي دنيا جي دهشتگردن لاءِ پناهه گاهه بڻجي چڪي آهي. القاعده، داعش جا دهشتگرد اتي موجود آهن بي ايل اي به اتي آهي، جڏهن ته شام مان به اڍائي هزار دهشتگرد افغانستان پهتا آهن جيڪي اتي وڙهي رهيا هئا“. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته گذريل سال دهشتگردي سان لاڳاپيل واقعن جو گڏيل جائزو ورتو ويندو، دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اهم قدم کنيا ويا آهن.

بقايا 2 آءِ ايس پي آر

دهشتگردن کي هر هنڌ انگيج ڪري رهيا آهيون. ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته دنيا ڏٺو ته حق جي مقابلي ۾ هندستان جو منهن ڪارو ڪيو ويو ”معرڪهء حق“ ڪانپوءِ هندستان دهشتگردي کي وڌيڪ هوا ڏني، آڪٽوبر 2025ع ۾ دهشتگردن پاڪ افغان سرحد تي حملا ڪيا ۽ ڪجهه ئي ڪلاڪن ۾ درجنين افغان پوسٽن جو نالو نشان ئي ختم ڪري ڇڏيو هن چيو ته هندستان جڙتو ”آپريشن سندور“ ۾ ٻارن ۽ عورتن کي نشانو بڻايو هندستان ڪير آهي جو اسان جي ڪنهن به شهري کي نشانو بڻائي؟ ڪنهن به هندستان کي اهو حق ناهي ڏنو ته هو پاڪستان جي ڪنهن به شهري يا انفرااسٽرڪچر کي نقصان پهچائي. آپريشن سندور جي ڪارڻ اڃا تائين هندستان جي منهن ڏان نه لٿي آهي. سندس چوڻ هو ته اسان افغانستان ۾ ٽي ٽي پي کي نشانو بڻايو ڪي ٽي ٽي اي کي نه.

بقايا 3 افتتاح

سول ڪورٽ جو دورو ڪيو ۽ مختلف ججز سميت ڊي بي اي جي صدر مظفر علي رند سميت ٻين سان ملاقاتون ڪيون. ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر وڪيل مظفر علي رند پاران چيف جسٽس جي مان سول ڪورٽ اندر پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڊي بي اي جو اڳوڻو صدر احمد نواز پيچوهو ڊي بي اي جو جنرل سيڪريٽري مصري خان جکراڻي سينيئر وڪيل عبدالجبار لاشاري، ظفر خليل جکراڻي جي ايم سومرو، طاهر رند، زاهد حسين ٿهيم سيد غلام حسين شاهه سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ڪوٺايل تقريب ۾ چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت سميت آيل مهمانن کي سنڌ جي روايت موجب سنڌي ٽوپيون ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا جنهن بعد ڊي بي اي جي صدر وڪيل مظفر علي رند خطاب ڪندي چيو ته چيف جسٽس ظفر احمد راجپوت جو جيڪب آباد بار اچڻ اسان لاءِ فخر جوڳو عمل آهي هن چيو ته جيڪب آباد جا وڪيلن بنيادي سهولتن کان محروم آهن ڪيسز جي حوالي سان به انتهائي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئي ٿو هن چيو ته جيڪب آباد ۾ بينڪنگ ڪورٽ، اينٽي ڪرپشن ڪورٽ، اينٽي انڪروچمينٽ ڪورٽ، نارڪوٽيڪس ڪورٽ، اي ٽي سي ڪورٽ جو نه هجڻ اسان لاءِ وڏو مسئلو آهي جنهن جي فراهمي لاءِ اوهان کي گذارش ڪريون ٿا، هن چيو ته وڪيلن لاءِ ڪالوني ۽ چيمبرس جي گذارش ڪيون ٿا اسين اڳ به اهڙي قسم جا مطالبا ڪيا آهن پر اوهان مان پراميد آهيون، هن چيو ته وڪيلن جو تعداد وڌي ويو آهي جنهن ڪري اسان کي بار آفيس ۾ جي عمارت ۾ اضافي جي ضرورت آهي ۽ عورت وڪيلن لاءِ ليڊيز بار روم جي به ضرورت آهي.

بقايا 4 اتفاق

آجيان ڪئي ۽ بنگلاديش فضائيا لاءِ گڏيل تربيتي سهڪار جي خاطري ڪرائي آءِ ايس پي آر موجب سپر مشاق ٽرينر جهازن جي تيز رفتار فراهمي ۽ ڊگهي مدي جي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، بنگلاديش فضائيا جي پراڻي فليٽ مينٽيننس ۽ ايئر ڊفينس ريڊار سسٽمز تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته جي ايف — 17 ٿنڊر جهازن جي امڪاني خريداري تي تفصيلي مشاورت ڪئي وئي، بنگلاديشي وفد نيشنل آءِ ايس آن سائبر ڪمانڊ ۽ ايرو اسپيس ٽيڪنالاجي پارڪ جو دورو ڪيو. آءِ ايس پي آر موجب پاڪ — بنگلاديش دفاعي لاڳاپن کي ڊگهي مدي جي اسٽريٽجڪ پائيداري ۾ تبديل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 5 فوت

تفصيل موجب سائيٽ بي پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ گل ٻائي چوڪ ٽاڪ ويجهو اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان سخت زخمي ٿي پيو ڪيس فوري طور تي ڇيپا ايمبوليئنس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو ڪجهه وقت تائين زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيو هو ۽ علاج دوران فوت ٿي ويو فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ 22 سالن جي درشن جي نالي سان ٿي آهي پوليس فوت ٿيل نوجوان جي خاندان جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي طرف منگهو پير ۾ پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۾ 7 سالن جي ٻار عارف جي موت بابت منگهو پير پوليس ٿاڻي ۾ سومر تي فوتي جي پيءُ غلام عباس جي شڪايت تي قتل جي سيڪشن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ڪيس ۾ پاڻي جي ٽينڪر جي ڊرائيور وزير محمد خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ جاچ شروع ڪئي وئي

بقايا 6 سڙي خاڪ

باهه موٽرسائيڪل ميڪينڪ ۽ اسپيئر پارٽس جي دڪان ۾ لڳي اطلاع ملندي ئي فائر برگيڊ جي گاڏي موقعي تي پهچي وئي ۽ بروقت ڪارروائي ڪندي باهه تي ضابطو آندو فائر برگيڊ جو چوڻ آهي ته باهه ڪي ايم سي ڊرين تي واقع دڪانن ۾ لڳي. باهه لڳڻ وقت ٻئي دڪان بند هئا، جنهن سبب ڪو به جاني نقصان نه ٿيو ترجمان موجب، باهه تي مڪمل طور تي ضابطو آندو ويو آهي جڏهن ته ٿڌي ڪرڻ جو عمل جاري آهي باهه لڳڻ جو سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته واقعي ۾ ٻه دڪان ۽ انهن ۾ موجود سامان مڪمل طور تي سڙي ويو

بقايا 7 اپاءَ وٺندي

جمالي، ضلعو سجاول منصوبي بابت سڏايل هڪ اهم ميٽنگ کي خطاب ڪندي ڪيو. ميٽنگ ۾ ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند سميت پروجيڪٽ ڊائريڪٽر روڊن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ کاتي جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ميٽنگ جي صدارت ڪندي هن پروجيڪٽ ۾ شامل سڀني آفيسرن کان الڳ الڳ بريفنگ ورتي ۽ منصوبي جي سڀني پهلوئن جو جائزو ورتو ان موقعي تي صوبائي وزير جن کاتن جي ڪارڪردگي سلي نه هئي، انهن بابت لاڳاپيل صوبائي وزيرن ڏانهن خط لکڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته اسان عوامي پئسي جو زيان نٿا چاهيون جنهن به آفيسر کي ڪم نه ڪرڻو هجي.

بقايا 8 پاڪ فوج ترجمان

آهن ته کهڙا کهڙا دهشتگرد آهن ۽ ڪٿي ڪٿي کين پناهه ڏني پئي وڃي، بنيادي ٽارگيٽ ڪير آهي جيڪڏهن ان تي نظر رکجي ته 10 وڏا واقعا سامهون اچن ٿا، دهشتگردن سولين ۽ سافٽ ٽارگيٽن تي حملا ڪيا ۽ اهي دهشتگرد حملا افغانين طرفان ڪيا ويا.

بقايا 9 ناصر شاهه

ملوث ڪنهن به شخص خلاف، ڀلي ان جو تعلق ڪنهن به اداري سان هجي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي اجلاس ۾ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، مينيجنگ ڊائريڪٽر سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شرڪت ڪئي ٽائون ۽ يونين ڪائونسلن جا چيئرمين پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. مينيجنگ ڊائريڪٽر سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ اجلاس کي بريفنگ ڏني، اجلاس کي خطاب ڪندي صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سالڊ ويسٽ کاتو سڀني يونين ڪائونسلن ۽ ٽائونن سان رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي وائيس چيئرمين ۽ يونين ڪائونسلن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ قانون تيار ڪيا پيا وڃن هن زور ڏنو ته يونين ڪائونسلن ۽ ٽائونن جي وچ ۾ هم آهنگي کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي ضرورت آهي. ناصر حسين شاهه چيو ته جن ڪمپنين سان معاهدا ڪيا ويا آهن انهن وٽ مناسب مين پاور ۽ مشينري هجڻ لازمي آهي جن گاڏين ۾ ٽريڪرز لڳل آهن اهي 24 ڪلاڪ ڪم ڪن ڪم نه ڪندڙن کي فوري طور معطل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته جڏهن حڪومت عوامي پئسا خرچ ڪري رهي آهي ته ڪم به مڪمل دلجاءِ سان ٿيڻ گهرجي عوامي شڪايتن تي فوري نوٽيس ورتو ويندو

بقايا 10 گرفتار

گرفتار ڪري ورتو مٺل مبينا ڦرلٽ جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايڇ او تيموريه شاهد علي بلوچ موجب لنڍي ڪوتل چورنگي ويجهو ڪار تي سوار معيد خان نالي هڪ شهري ڦروٽ خريد ڪرڻ لاءِ روڪيو ته ساڳئي وقت موٽرسائيڪل تي سوار هڪ مرد ۽ هڪ عورت بندوق جي زور تي معيد خان کان نقد رقم موبائل فون ۽ هڪ ٿيلهو ڦري ورتو ۽ ڀڄڻ لڳا. شهري لائسنس يافته هٿيار سان فائرنگ ڪئي ان دوران جوابدار به فائرنگ ڪئي ۽ جوابدار جي فائرنگ سبب گولي گاڏي جي دروازي تي لڳي جڏهن ته شهري جي فائرنگ سبب جوابدار موقعي تي ئي مارجي ويو

بقايا 11 گرفتار

گرفتار ڪيو ايس ايس پي ايس آءِ يو ڊاڪٽر عمران چيو ته گرفتار ٿيل ملزمن ۾ نعمان عرف ”ناٽو“ ۽ آصف شامل آهن پوليس ڪارروائي جي دوران ملزمن جي قبضي مان 5 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪئي جڏهن ته هڪ رائفل ايس ايم جي ۽ 9 ايم ايم پسٽول پڻ ضبط ڪئي وئي ذريعن جو چوڻ آهي ته نعمان ناٽو هڪ وڏو مقامي ۽ بين الاقوامي منشيات وڪرو ڪندڙ آهي ۽ سپر هاءِ وي تي هڪ سوسائٽي ذريعي منشيات جو نيٽ ورڪ هلائي ٿو جڏهن ته آصف هڪ وڏو منشيات فراهم ڪندڙ آهي ۽ ڏکڻ ۾ مقامي عدالت ۾ سرڪاري نوڪري ۾ پڻ ڪم ڪري ٿو. ايس ايس پي ايس آءِ يو جي مطابق، نعمان آصف کان سامان خريد ڪرڻ لاءِ بلوچ ڪالوني پهتو هو ۽ ٻئي ڇاپي وقت گاڏي ۾ موجود هئا. ڊاڪٽر عمران چيو ته گرفتار شڪي ماڻهن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ايس آءِ يو منتقل ڪيو پيو وڃي

بقايا 12 ايڊووڪيٽ حسنين چوهاڻ

سهيل آفريدي جي سنڌ جي دوري جو دل جي گهراين سان ڀليڪار ڪيون ٿا. هن چيو ته محمد سهيل آفريدي عمران خان جا نظرياتي سپاهي آهن ۽ سنڌ جي عوام انهن کي جمهوري سوچ، آئين جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي جدوجهد جي علامت طور ڏسي ٿي ان ڪري سندن دوري دوران ڀرپور ۽ شاندار آجيان ڪئي ويندي ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهاڻ چيو ته عمران خان هميشه آئين، قانون ۽ عوامي مينڊيٽ جي ڳالهه ڪئي آهي، پر اڄ به سندس نظريي کي دٻائڻ لاءِ جبر ۽ ناانصافين جو سهارو ورتو پيو وڃي، جڏهن ته ملڪ جبر سان نه پر صرف آئين ۽ قانون جي بالادستي سان ئي هلي سگهي ٿو هن واضح ڪيو ته جيستائين حڪومتون آئين جي دائري اندر رهي ڪم نه ڪنديون تيستائين ملڪ ۾ سياسي استحڪام ۽ حقيقي جمهوريت ممڪن نه ٿيندي هن چيو ته افسوسناڪ طور اڄ پاڪستان ۾ آئين کي معطل سوچ تحت هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 13 راجا ناصر عباس جعفري

بالادستي آزاد عدليه، شفاف چونڊن ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي منظم جدوجهد جاري رکندي اهي خيال سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر ۽ مجلس وحدت مسلمين جي چيئرمين سينيٽر علامه راجا ناصر عباس جعفري سنڌ جي صوبائي دفتر وحدت هائوس ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن عليم عادل شيخ ۽ سيد زين شاهه سان ملاقات دوران ظاهر ڪيا. ملاقات ۾ سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال، عوام کي درپيش مسئلن ۽ جمهوري قدرن جي تحفظ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. علامه راجا ناصر عباس جعفري چيو ته موجوده حڪمران پنهنجي ذاتي مفادن خاطر ملڪ جي آئين کي سخت نقصان پهچايو آهي ۽ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته ان عمل ۾ اها سياسي جماعت به شامل آهي جنهن جي باني جو ڪردار ملڪ جي آئين سازي ۾ اهم رهيو آهي هن چيو ته مظلوم عوام جي حقن جي حفاظت ۽ جمهوري جدوجهد ۾ گڏيل تعاون وقت جي اهم ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان 8 فيبروري تي سڄي ملڪ ۾ پرامن احتجاج، ريلين ۽ جلسا منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي جن سان ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستاني به اظهار يڪجهتي ڪندا. پي ٽي آءِ اڳواڻ عليم عادل شيخ چيو ته موجوده حڪمرانن جون ناڪام پاليسيون عوام کي شديد مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪري چڪيون آهن.

بقايا 14 رڪارڊ

اضافي کان پوءِ في تولو سون 4 لک 67 هزار 962 رپيا ٿي ويو 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 2743 رپين جي اضافي کان پوءِ 3 لک 98 هزار 458 رپين مان وڌي 4 لک هڪ هزار 201 رپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 65 هزار 266 رپين کان وڌي 3 لک 67 هزار 780 رپيا ٿي وئي آهي. آل سنڌ صرافه جيولرز رپورٽ ڪيو آهي ته في تولو چاندي جي قيمت 338 رپين جي واڌ بعد 8361 رپيا ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 290 رپين جي واڌ بعد 7168 رپيا ٿي وئي آهي رپورٽ مطابق عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4424 ڊالرن مان وڌي 4456 ڊالر ٿي وئي آهي

بقايا 15 ٽرڪ ضبط

وڏي ڪاميابي آهي اهڙو اظهار ڪراچي چيمبر آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي صدر ڪيو آهي. ڪاٽي جي صدر موجب بلديه ٽائون رئيس ڳوٺ ۾ ڪيل ڪارروائي دوران ٻه هزار ڪلو بارود سان ڀريل مني ٽرڪ هٿ ڪرڻ سان شهر وڏي تباهي کان بچي ويو، محمد اڪرام راجپوت چيو ته جيڪڏهن دهشتگرد پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها ته ڪراچي وڏي آفت کي منهن ڏئي ها، پر سنڌ پوليس بروقت ڪارروائي ڪري شهر کي بچائي ورتو. ڪاٽي طرفان حڪومت سنڌ، سنڌ پوليس ۽ سيڪيورٽي ادارن کي شاندار ڪارڪردگي تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو آهي. ايڪٽنگ پيٽرن ان چيف ڪاٽي زبير چايا چيو ته بلديه ٽائون ۾ ڪيل آپريشن سنڌ پوليس جي پيشاورانه صلاحيتن جو عملي ثبوت آهي. بروقت ڪارروائي سبب قيمتي جانيون بچي ويون ۽ شهر محفوظ رهيو. زبير چايا وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن دهشتگرد پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ٿين ها ته نه رڳو امن امان پر معيشت کي به سخت نقصان پهچي ها، جڏهن ته ڪامياب آپريشن سان سيڙپڪارن ۽ واپاري برادري جو اعتماد بحال ٿيو آهي. ڪاٽي جي لاءِ اينڊ آرڊر ڪميٽي جي چيئرمين دانش خان چيو ته بلديه ٽائون ۾ ڪيل ڪارروائي سنڌ پوليس جي بهترين انٽيليجنس ۽ مستعدي جو واضح ثبوت آهي. دهشتگردي خلاف سخت ڪارروائيون جاري رکڻ وقت جي اهم ضرورت آهن. دانش خان چيو ته ڪاروباري برادري سنڌ پوليس کي ڪراچي کي وڏي سانحي کان بچائڻ تي سلام پيش ڪري ٿي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته شهر جي امن لاءِ اهڙيون ڪارروائيون مستقبل ۾ به جاري رهنديون.

بقايا 16 ملاقات

قومي اتحاد جي فروغ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي علامه طاهر محمود اشرفي، پير حسن حسيب الرحمان ۽ ٻيون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون ان موقعي تي ڳالهائيندي گورنر سنڌ چيو ته ملڪ ۾ امن پائيداري ۽ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ ۾ مذهبي ۽ روحاني قيادت جو ڪردار تمام اهم آهي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پاڪستان کي درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ قومي اتحاد ۽ باهمي رواداري ضروري آهي ملاقات جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعا پڻ گهري وئي

بقايا 17 ڪاشف سعيد

ته گيس پيٽرول ۽ ڪوئلي جي دولت سان مالا مال سنڌ ۾ 44 فيصد گهرائتا گيس ۽ 30 فيصد بجلي کان محروم آهن 78 لک ٻارڙا اسڪولن کان ٻاهر جڏهن ته هڪ به موٽروي ناهي ڇا اها سنڌ سان ناانصافي ناهي؟ ڪراچي حيدرآباد موٽروي جي نالي تي عوام سان مذاق ڪيو پيو وڃي دنيا جو دستور آهي ته جتي به بندرگاهه هجي اتي موٽرويز هونديون آهن 17سالن کان سنڌ تي حڪومت ڪندڙ پيپلزپارٽي ڪراچيءَ کان ڪشمور صوبي کي موئن جو دڙو ۽ ڪرپشن توڙي ڏاڙيل راڄ جي سڃاڻپ ڏني آهي ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن کان وٺندي بينظيرانڪم سپورٽ اسڪيم تائين 80فيصد ڪرپشن ٿي رهي آهي 27ارب جي سولر انرجي پروجيڪٽ ۾ پڻ ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي ڪروڙين رپين جي ڪڻڪ ڪاٿي وڃن ٿا، هڪ اڳوڻي بيوروڪريٽ فضل الله قريشي جي بقول سنڌ کي وفاق کان 12 هزار ارب مليا، پر ڏهه فيصد به ناهي ٿي سگهيو صوبائي گادي واري شهر ڪراچي کي ڪچرا ڪنڊي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، آئين جي آرٽيڪل 140-Aتحت مڪاني ادارن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏنا وڃن ڪراچي جا 3360 ارب ڪٿي خرچ ڪيا ويا آهن ڪا خبر ناهي هر جڳهه تي سسٽم جو قبضو آهي سول ۽ ملٽري بيوروڪريسي جي ڳٺ جوڙ، توڙي جاگيرداراڻي ۽ سرمائيداراڻي نظام ذريعي سنڌ جي عوام کي غلام بڻايو ويو آهي بي امني قبيلائي ٽڪراءَ ۽ ڏاڙيل راڄ جو خاتمو ڪري سنڌ جي عوام کي عزت سان جيئڻ جو حق ڏنو وڃي جماعت اسلامي ”بدلايو نظام کي سنواريو سنڌ کي“ مهم شروع ڪري ڏني آهي جنهن ۾ سنڌ جي هر شهر ڳوٺ، واهڻ وسندي ۽ گهٽي ۾ وڃي پنهنجو پيغام پهچائينداسون ان سلسلي ۾ وڏي پيماني تي جلسا، ڪاروان، سيمينار ۽ رابطا عوام شروع ڪنداسين سکر ميرپورخاص ۾ وڏا جلسا منعقد ڪيا ويندا جن کي مرڪزي امير حافظ نعيم الرحمان خطاب ڪندو

بقايا 18 خدشا ختم

جي شاگردن لاءِ فري شپ ڊيٽا جي تصديق (ويريفڪيشن) جي طريقيڪار تي پنهنجا خدشا ۽ تحفظات ظاهر ڪيا. وفد جو چوڻ هو ته اينٽي ڪرپشن ذريعي ڊيٽا جي تصديق جي عمل بابت ڪيترائي خدشا موجود آهن ڇو ته جاچ (تفتيش) ۽ ڊيٽا ويريفڪيشن به الڳ عمل آهن. وفد شڪايت ڪئي ته ڊيٽا ويريفڪيشن جي نالي تي اسڪول انتظاميه ۽ والدين سان نارو رويو اختيار ڪيو ويو، جنهن سبب پرائيويٽ اسڪولن کي شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه وفد جي خدشن کي جائز قرار ڏيندي چيو ته ڊيٽا ويريفڪيشن لاءِ واضح ۽ مربوط مڪينزم طئي نه ٿيڻ سبب پرائيويٽ اسڪول انتظاميه کي مسئلا درپيش آيا. هن چيو ته حڪومت اسڪولن ۽ والدين جي سڀني خدشن جو مڪمل خيال رکندي ته جيئن ڪنهن کي به غير ضروري پريشاني نه ٿئي. ملاقات دوران اينٽي ڪرپشن جي ذريعي ڊيٽا جي تصديق لاءِ هڪ مربوط ۽ بهتر طريقيڪار تي اتفاق ڪيو ويو. تعليم واري وزير چيو ته پرائيويٽ اسڪولز سنڌ جي تعليم ۾ انتهائي مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ۽ حڪومت سان گڏوگڏ لکين ٻارن جي تعليم جي ذميواري نجي ادارن کنئي آهي. سيد سردار علي شاهه وفد کي يقين ڏيارايو ته حڪومت پرائيويٽ ايجوڪيشن سيڪٽر جي مسئلن ۽ ڏکين حالتن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي، ڇو ته ٻارن جي تعليم ڪنهن به صورت ۾ متاثر نه ٿيڻ گهرجي. تعليم واري وزير وڌيڪ چيو ته ڊيٽا ويريفڪيشن جا سڀ معاملا ڊائريڪٽوريٽ آف انسپيڪشن اينڊ رجسٽريشن آف پرائيويٽ انسٽي ٽيوشنز جي ذريعي حل ڪيا ويندا. گرينڊ الائنس آف پرائيويٽ اسڪولز ايسوسيئيشنز سنڌ جي اڳواڻن تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه جي يقين دهاني ۽ چيئرمين اينٽي ڪرپشن ذوالفقار علي شاهه سان اتفاق ڪندي فوري طور تي احتجاج ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو جڏهن ته جمعي 9 جنوري لاءِ اعلانيل هڙتال واپس وٺڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 19 انڪار

انصاف جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا بيرسٽر گوهر کي پي ٽي آءِ چيئرمين مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اڊيالا جيل ٻاهران صحافي سلمان اڪرم راجا کان پڇيو ته پارٽي چيئرمين بيرسٽر گوهر کي عملي طور سائيڊ لائن ڪيو ويو آهي ڇو ته ٿون چيئرمين ڪير هوندو؟ سلمان اڪرم راجا بيرسٽر گوهر کي پارٽي چيئرمين مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته پارٽي چيئرمين رڳو عمران خان آهي ٻيو ڪو نه. اسان سان جيڪو اليڪشن ڪميشن جو رويو آهي اهي جبر جا ضابطا آهن

بقايا 20 دورو

هينڊ 104 اضافي فيملي سوٽس منصوبي تي ڪم جي اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو گهرو مملڪتي وزير سينيٽر طلال چوڌري به ان موقعي تي ساڻس گڏ هو قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب مملڪتي وزير طلال چوڌري جاري منصوبن تي اسپيڪر کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ته پارليامينٽ لاجز ۾ 104 اضافي فيملي سوٽس جي تعمير آخري مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي هي منصوبو 2011ع ۾ شروع ٿيو هو جنهن کي اسپيڪر جي خاص ڪوشش سان ٻيهر فعال ڪيو ويو آهي اسپيڪر چيو ته ان منصوبي کي جلد پڄاڻيءَ تي پهچائڻ منهنجي اولين ترجيح آهي پارليامينٽ جي ميمبرن کي درپيش رهائش جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ان منصوبي جي جلد تڪميل ضروري آهي سردار اياز صادق جاري منصوبن تي سي ڊي اي کي تعميراتي معيار يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ۽ منصوبو وقت سر مڪمل ڪرڻ تي زور ڏنو هن چيو ته سي ڊي اي منصوبن جي مسلسل نگراني ۽ منصوبي تي ڪم وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي طلال چوڌري ان منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻڻ جي خاطري ڪرائي ۽ فيملي سوٽس جي تعمير ۾ اسپيڪر جي خاص دلچسپيءَ کي ساراهيو ان موقعي تي قومي اسيمبليءَ جي رڪني سيڪريٽري سعيد احمد ميتلا، ايڊوائيزر محمد مشتاق گهرو وزارت ۽ سي ڊي اي جا اعليٰ عملدار به موجود هئا

بقايا 21 وزيراعظم

ڪميشن جي منصوبن جي عالمي معيار جي فرم کان ٿرڊ پارٽي آڊٽ ڪرائي وڃي ڪالهه اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار نجڪاري ڪميشن جي معاملن بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف پاور ڊويزن واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري، وزيراعظم جي نجڪاري واري صلاحڪار ۽ نجڪاري ڪميشن جي چيئرپرسن محمد علي ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي. وزيراعظم چيو ته خساري جو شڪار رياستي ملڪيتي ادارن جي نجڪاري حڪومت جي اولين ترجيحن مان آهي. پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز جي ڪامياب نجڪاري برسات جون پهريون ڦڙو آهي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته نجڪاري ڪميشن ۾ سڌارن جي حوالي سان ڪم تيز ڪيو وڃي نجڪاري ڪميشن ۾ نجي شعبي ۽ مارڪيٽ مان بهترين صلاحيتون رکندڙ لاڳاپيل افرادي قوت کي مقرر ڪيو وڃي سمورين مقررين انتهائي شفاف انداز ۾ ڪيون وڃن. وزيراعظم نجڪاري ڪميشن کي ڊيجيٽائيز ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي هن هدايت ڪئي ته نجڪاري ڪميشن جي منصوبن جي عالمي معيار جي فرم کان ٿرڊ پارٽي آڊٽ ڪرائي وڃي ۽ نجڪاري ڪميشن ۾ پبلڪ رليشنز ۽ مارڪيٽنگ جي شعبي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي اجلاس کي نجڪاري ڪميشن ۾ جاري سڌارن بابت بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته نجڪاري ڪميشن ۾ مارڪيٽ مان فنانس، هيومن ريسورس، قانون انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيا مئنيجمينٽ جي حوالي سان ايڊوائيزرز ڀرتي ڪيا ويندا. نجڪاري ڪميشن ۾ مارڪيٽ مان اسٽريٽجي پاليسي، ٽرانزيڪشن ۽ پاور جي شعبن ۾ ڪنسلٽينس مقرر ٿيندا، اسٽريٽجڪ نظم ۽ ضبط، مضبوط گورننس، اداراجاتي صلاحيت جي بهتري ۽ ڊونرن سان شفاف رابطا نجڪاري ڪميشن جي جاري سڌارن جو بنياد آهن اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري کي شروعاتي طور تي ٻن بيچز ۾ رکيو ويو آهي. پهرين بيچ ۾ اسلام آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني، گوجرانوالا اليڪٽرڪ پاور ڪمپني ۽ فيصل آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي نجڪاري ٿيندي ٻي بيچ ۾ حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني ۽ سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني جي نجڪاري ٿيندي

بقايا 22 هدايت

گذريل ڏينهن صبح جو شديد ڪوهيڙي سبب نظر جي حد گهٽجي وئي جنهن کي نظر ۾ رکندي اسلام آباد ٽريفڪ پوليس شهرين لاءِ احتياط جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي اسلام آباد پوليس جي ترجمان مطابق سفر ڪندڙ شهري پنهنجين گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جي رفتار آهستي ۽ ٽريفڪ قانون جي مڪمل پابندي ڪن ترجمان چيو ته ڪوهيڙي دوران لاپرواهي حادثن جو سبب بڻجي سگهي ٿي اسلام آباد ٽريفڪ پوليس جا آفيسر شهرين جي سهولت ۽ رهنمائي لاءِ شهر جي اهم شاهراهن ۽ روڊن تي موجود آهن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ شهري ٽريفڪ لائن 1915 يا 15 تي رابطو ڪري سگهن ٿا. اسلام آباد پوليس شهرين کي تعاون جي اپيل ڪندي چيو ته احتياطي تدبيرون اختيار ڪري امڪاني حادثن کان بچي سگهجي ٿو.

بقايا 23 ڳالهه ٻولهه

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه بلاول هائوس ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران پارلياماني معاملن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

بقايا 24 ملاقات

اڱاري ڏينهن ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ايراني سفير نائب وزيراعظم کي ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي پاران نئين سال جي مبارڪباد ڏني ۽ ان جي نالي هڪ خط پڻ پهچايو سينيٽر محمد اسحاق ڊار مبارڪباد جو گرمجوشي سان جواب ڏنو ملاقات دوران ايراني سفير مختلف ٻطرفي اداراجاتي ميڪينزم تحت تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ڪئي ويندڙ اڳڀرائي کان نائب وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ان موقعي تي نائب وزيراعظم اهم ترجيحي شعبن ۾ ايران سان رابطن کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 25 ٽرمپ

ٽرمپ واضح ڪيو آهي ته آمريڪا وينزويلا سان جنگ جي حالت ۾ نه آهي جڏهن ته آمريڪا جون ڪارروائيون منشيات فروشن ۽ ڏوهه ڪندڙ عنصرن خلاف آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق هڪ انٽرويو ۾ صدر ٽرمپ چيو ته ”اسان وينزويلا سان جنگ ڪري رهيا آهيون ۽ نه جنگ جي حالت ۾ آهيون اسان انهن ماڻهن خلاف جنگ ڪري رهيا آهيون جيڪي منشيات وڪرو ڪن ٿا ۽ جيڪي پنهنجي ملڪن جي جيلن، منشيات جي عادي ماڻهن ۽ ذهني مريضن کي اسان جي ملڪ اماڻي ڇڏيندا آهن صدر ٽرمپ ان ڳالهه تي به زور ڀريو ته ايندڙ 30 ڏينهن دوران وينزويلا ۾ نيون چونڊون منعقد ٿيڻ ممڪن ناهن

بقايا 26 هدايت

شعبي ۾ ترقي جي ڀرپور صلاحيت موجود آهي هن زرعي روانگي واپار وڌائڻ جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت پڻ ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه اڱاري ڏينهن زرعي روانگي واپار ۾ اضافي ۽ زرعي شعبي کي عالمي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي حوالي سان جوڙيل نجي شعبي جي ماهرن تي ٻڌل ورڪنگ گروپ جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن احسن اقبال، راڻا تنوير حسين، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، محمد اورنگزيب، عطاءُ الله تارڙ مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني خاص معاون هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي وزيراعظم محمد شهباز شريف اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته زرعي شعبي ۾ سڌارن ۽ آبادگارن کي عالمي سطح تي لاڳو طريقن کان متعارف ڪرائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته وفاقي حڪومت زرعي شعبي ۾ پنهنجي دائره ڪار ۾ سڌارن سان گڏوگڏ صوبائي حڪومتن سان گڏجي زراعت جي ترقي جي لاءِ قدم کڻي رهي آهي في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافي جي لاءِ آبادگارن کي معياري ٻج، مناسب قيمت تي وقت سر پاڻي ۽ بيماري جي روڪٿام جي لاءِ دوائن جي فراهمي جي لاءِ قدم جاري آهن زرعي جنسن جي پراسيسنگ سان برآمدات جي قابل شين جي تياري جي لاءِ پاليسي سطح تي قدم کنيا پيا وڃن وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته تازو ئي چين ۾ سرڪاري خرچ تي هڪ هزار پاڪستاني شاگردن ۽ شاگردياڻين کي زراعت جي جديد ٽيڪنالاجي جي تربيت جي لاءِ موڪليو ويو هن چيو ته پاڪستان جي زرعي شعبي ۾ ترقي جي ڀرپور صلاحيت موجود آهي، موجوده وسيلن ۾ رهندي زراعت جي ترقي جي لاءِ تحقيق تي سيڙپڪاري ڪري رهيا آهيون ته جيئن في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ٿئي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ماهيگيري، ميون ۽ انهن سان تيار ڪيل مصنوعات جي برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ قدم جاري آهن هن هدايت ڪئي ته سامونڊي پٽيءَ تي پام آئل جي پيداوار جي لاءِ پاليسي قدم جوڙي پيش ڪيا وڃن ۽ ايندڙ 5 سالن ۾ زرعي روانگي واپار وڌائڻ جي حوالي سان حڪمت عملي جوڙي وڃي اجلاس ۾ چيئرمين ورڪنگ گروپ راڻا نسيم ۽ سندس ٽيم زرعي شعبي تي جامع رپورٽ پيش ڪندي ان کي درپيش مسئلن ۽ اڳتي جي حڪمت عملي تي تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس کي ملڪ ۾ ربيع ۽ خريف جي وڏين فصلن انهن جي في ايڪڙ سراسري پيداوار هارٽيڪلچر ۽ ميون جي پيداوار ان جي برآمدات، ڊيري شعبي ۽ زراعت سان لاڳاپيل سمورن شعبن جو خطي ۽ عالمي سطح تي تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو

بقايا 27 آءِ جي سنڌ

پوليس چوڪين ۽ گشت واري نظام جو معائنو ڪيو ۽ امن امان جي صورتحال بابت آءِ جي سنڌ کي اعليٰ سطح جي بريفنگ ڏني وئي ۽ جاري آپريشن ۽ پوليس ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي وئي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم ڪچي واري علائقي جو دورو ڪرڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن چيو ته ڪچي جي علائقن ۾ ڌاڙيل عنصرن خلاف جاري آپريشن ڪنهن به صورت ۾ روڪيو نه ويندو ۽ قانون جي بالادستي هر حال ۾ قائم ڪئي ويندي. آءِ جي سنڌ واضح ڪيو ته ڪچي وارن علائقن مان اغوا براءِ تاوان ۽ ڦرلٽ جهڙن سنگين ڏوهن جو مڪمل خاتمو سنڌ پوليس جو بنيادي هدف آهي هن چيو ته ڌاڙيل عنصرن سان گڏ سهولتڪارن خلاف به زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم چيو ته ڪچي جي علائقن ۾ قائم پوليس چوڪين کي وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي ۽ پوليس کي جديد هٿيار مواصلاتي نظام ۽ ٻيا ضروري وسيلا فراهم ڪيا پيا وڃن ته جيئن ڏوهارين سان اثرائتي نموني مقابلو ڪري سگهجي آءِ جي سنڌ موجب ڪچي جي آپريشن دوران جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي پئي وڃي.

بقايا 28 تفصيلي ڳالهه ٻولهه

جي عوامي مسئلن ترقياتي ضرورتن ۽ سياسي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ اسيمبلي جي ميمبر امتياز شيخ پنهنجي صاحبزادي فراز شيخ سان گڏ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي جنهن دوران شڪارپور جي عوام کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي حل بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. ان کان علاوه سنڌ اسيمبلي جي ميمبر شير محمد مغيري پنهنجي صاحبزادي رمضان مغيري سان گڏ چيئرمين پيپلز پارٽي سان ملاقات ڪئي ۽ جيڪب آباد جي عوامي مسئلن ۽ جاري ترقياتي قدمن بابت آگاهي ڏني. سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فياض ٻٽ پڻ پنهنجي صاحبزادي جاويد ٻٽ سان گڏ بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران دادو ضلعي جي عوامي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪيل قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي.

بقايا 29 شرجيل ميمڻ

اطمينان جوڳو قرار ڏيڻ سنڌ حڪومت جي اثرائتي رٿابندي جو ثبوت آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن منصوبي تحت سڄي صوبي ۾ اهم انفرا اسٽرڪچر جي بحالي ذريعي 7 ڏهائي ۾ ملين کان وڌيڪ ماڻهن لاڀ ماڻيو منصوبي تحت لاڀ حاصل ڪرڻ وارن ۾ 3 ڏهائي 4 ملين عورتون شامل آهن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي بحالي کي پهرين اوليت ڏني ۽ محدود وسيلن جي باوجود شفافيت، رفتار ۽ اثرائتي عملدرآمد کي يقيني بڻايو عالمي بينڪ طرفان منصوبي ۾ اڳڀرائي کي تسلي جوڳو قرار ڏيڻ ان ڳالهه جي تصديق آهي ته سنڌ حڪومت صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت جو منصوبو متاثر ٿيل علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي بحالي جو سبب بڻيو آهي. فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن منصوبو معاشي ۽ سماجي استحڪام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

بقايا 30 منعقد

تقريب پڻ منعقد ٿي تقريب جو مهمان خاص سنڌ جي راندين وارو سيڪريٽري منور علي مهيسر هو ان موقعي تي ڊائريڪٽر اسپورٽس اسحاق ڊپٽي ڊائريڪٽر حبيب الله ڊي ايس او فريد علي اسماعيل شاهه، شڪيل احمد ۽ سني پرويز پڻ موجود هئا. تقريب دوران سريلنڪا ۾ منعقد ٿيل نائين سائوٿ ايشين ڪراٽي چيمپئن شپ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ملڪ لاءِ تمغا کٽيندڙ رانديگرن کي سنڌ حڪومت پاران ڪيش انعامن سان نوازيو ويو ترجمان موجب ڪيش انعام حاصل ڪندڙ رانديگرن ۾ ايانه نوئل آرٿر (گولڊ ميڊل): ٻه لک رپيا، اريشہ نديم (سلور ميڊل): هڪ لک رپيا، عبدالرحمان، سائرش تصدق ۽ ثمرا اعجاز (براؤنز ميڊل): في ڪس هڪ لک رپيا ڏنا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته سنڌ حڪومت راندين جي فروغ ۽ رانديگرن جي ڀلائي لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي

بقايا 31 ڳالهه ٻولهه

ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪالهه اڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن جي ڳالهه ٻولهه ۾ ٻطرفي لاڳاپن جي موجوده سطح جو جائزو ورتو ويو ٻنهي اڳواڻن گڏيل دلچسپي جي معاملن سان گڏوگڏ علائقائي معاملن تي اڳتي به ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 32 گرفتار

۽ گرفتار ڪيو ويو ڇيپا عملدارن موجب زخمي ڦورن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پر اهي رستي دوران فوت ٿي ويا. پوليس موجب فوت ٿيل ڦورن جي سڃاڻپ گلاب خان حنيف ۽ سليمان جي نالي سان ڪئي وئي آهي پوليس جوابدارن جي قبضي مان هٿيار هڪ موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان پڻ هٿ ڪيو آهي ٻيو واقعو سهراب ڳوٺ واري علائقي ۾ تاج پيٽرول پمپ جي ويجهو پيش آيو جتي پوليس سان مبينا مقابلي دوران هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ڇيپا عملدارن موجب زخمي جوابدار کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ عزيز الله جي نالي سان ڪئي وئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن کان هڪ پستول موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي آهي. ٽيون واقعو مومن آباد پوليس جي رحيم شاهه ڪالوني ۾ پيش آيو جتي هڪ مبينا مقابلي دوران چار جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

بقايا 33 انڪشاف

پرڏيهي ميڊيا مطابق هڪ پروگرام ۾ ڳالهائيندي هن ٻڌايو ته مان صدر ٽرمپ سان 10 آڪٽوبر تي ڳالهايو هو ساڳي ڏينهن نوبل انعام جو اعلان ٿيو هو ان کانپوءِ ڪو رابطو ناهي ٿيو ماريا ڪورينا ماچادو کي ناروي جي نوبل ڪميٽي وينزويلا ۾ آمريت خلاف جدوجهد تي نوبل امن انعام سان نوازيو هو هوءَ گذريل مهيني انعام حاصل ڪرڻ لاءِ ناروي وئي هئي ۽ هن وقت تائين واپس ناهي آئي انٽرويو دوران ماچادو چيو ته هوءَ جلد وطن واپس ايندي. اهو سندس پهريون انٽرويو هو جيڪو آمريڪا طرفان ڇنڇر ڏينهن وينزويلا ۾ ڪارروائي ۽ صدر نڪولس مادورو جي گرفتاري ڪانپوءِ سامهون آيو آهي

بقايا 34 گرفتار

گڏيل ڇاپا مار ڪارروائي دوران خطرناڪ دهشتگردن جي گرفتاري ۽ وڏي مقدار ۾ ڌماڪيدار مواد جي برآمدگي جو ڪيس سال 2026 جو ڪيس نمبر 3 انسداد دهشتگردي ايڪٽ جي سيڪشن 7 اي ٽي اي ۽ 4/5 ايڪسپلوزيو ايڪٽ تحت داخل ڪيو آهي. ڪيس سي ٽي ڊي جي آفيسر انسپيڪٽر ظفر عباس سيال جي مدعيت ۾ درج ڪيو ويو آهي. مدعي موجب حساس ادارن انٽيليجنس ذريعن وسيلي اطلاع ڏني هئي ته حب ريور روڊ رئيس ڳوٺ ۾ واقع هڪ گهر ۾ ڪالعدم تنظيم سان لاڳاپيل دهشتگردن جو خفيه ٺڪاڻو موجود آهي، جتي وڏي مقدار ۾ بارودي مواد لڪايو ويو آهي. اطلاع ملڻ تي سيڪيورٽي ادارن ۽ سي ٽي ڊي پوليس گڏيل ڇاپا مار ڪارروائي ڪئي

بقايا 35 صحت

راجا ظفرالحق جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. وزيراعظم پارٽي ۽ ملڪي سياست جي لاءِ سندس خدمتن کي ساراهيو قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پڻ وزيراعظم سان گڏ هو.

بقايا 36 خطرو ناهي

جو زلزلو آيو جنهن بعد ڪيترائي آفٽر شاڪس به محسوس ڪيا ويا. جاپان جي موسميات کاتي مطابق زلزلي جي مرڪز جي شدت اوير علائقي ۾ هئي پر سونامي جو ڪو خطرو ناهي موسميات کاتي ٻڌايو آهي ته زلزلي جي شدت جاپان جي زلزلو پيمائي تي معائيهن درجي جي 5 رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا ايتري شديد هوندي آهي ته بنا سهاري جي حرڪت ڪرڻ مشڪل ٿي ويندي آهي شيماني نيوڪليئر پاور اسٽيشن جي آپريٽر ڪمپني چوگوڪو اليڪٽرڪ پاور ٻڌايو ته پاور پلانٽ جو يونٽ نمبر 2 معمول مطابق ڪم ڪري رهيو آهي.

بقايا 37 مارجي ويا

نتيجي ۾ بئنڪن مان رقم ڪيرائيندڙ شهرين کان ڦرلٽ ۾ ملوث ٽي خطرناڪ ڏاڙيل مارجي ويا. ايس ايس پي ڪيماڙي امجد احمد شيخ موجب پوليس سان مقابلي دوران شديد زخمي ٿيندڙ ٽيئي جوابدار فوت ٿي ويا. مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ حنيف، گلاب ۽ سليمان طور ٿي آهي پوليس موجب جوابدارن وٽان ٽي پستول گوليون ۽ موبائل فون برآمد ڪيا ويا آهن مارجي ويل جوابدار 35 کان وڌيڪ سنگين مقدمن ۾ پوليس کي گهربل هئا. ايس ايس پي امجد شيخ ٻڌايو ته جوابدارن جو ٽولو شهر جي مختلف علائقن ۾ بئنڪ ڊڪيتين ۽ شاپ رابريز ۾ ملوث هو جوابدار واردات کان اڳ هڪ ساٿي کي ريڪي لاءِ بئنڪ اندر موڪليندا هئا. پوليس موجب مارجي ويل جوابدار گلاب کي بئنڪ اندر ريڪي ڪندي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو

گهرو کاتو، حڪومت سنڌ

آساميون خالي آهن

سنڌ حڪومت هن اشتهار جي اشاعت جي (15) ڏينهن اندر گهرو کاتي جي سيٽ اپ ۾ هيٺين پوسٽن تي ٻن (02) سالن جي شروعاتي عرصي لاءِ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي اطمينان بخش ڪارڪردگي تي قابل توسيع، تي مقرري لاءِ موزون، قابليت رکندڙ ۽ تجربيڪار پيشيور ماڻهن کان پي او باڪس نمبر 12251 ڊفينس ايڇ پي او، ڪراچي تي درخواستون گهرائي ٿي:

شمار نمبر	آسامي جو نالو	آسامين جو تعداد	عمر جي حد	قابليت، تجربو ۽ ٻيا ضابطا
1	اسٽور مين	02	وڌ ۾ وڌ 45 سال	1. ميٽرڪ. 2. اسٽور ڪيپنگ ۽ انوينٽري مئنيجمينٽ، مواد جي وصولي، اسٽوريج، ۽ جاري ڪرڻ، اسٽاڪ رڪارڊ ۽ ليجر برقرار رکڻ، خراب ٿيل / ختم ٿيل سامان جي جانچ ۽ رپورٽنگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 2 سالن جو تجربو.
2	آفيس رنر	12	وڌ ۾ وڌ 35 سال	1. ميٽرڪ 2. بنيادي ذميوارين ۾ آفيس اندر يا ٻاهر ليٽرز، فائلون ۽ دستاويز پهچائڻ، آفيس ايرياز، ميٽنگ رومز ۽ اسٽور رومز جي صفائي کي برقرار رکڻ، ۽ ميٽنگن، تقريبن، يا فنڪشنز دوران آفيس جي عملي جي مدد ڪرڻ شامل آهن.
3	ڊرائيور	13	وڌ ۾ وڌ 40 سال	1. ميٽرڪ پاس. 2. ٽريفڪ پوليس پاران جاري ڪيل ڪارآمد LTV ڊرائيونگ لائسنس. 3. سرڪاري/ خانگي گاڏين جي ڊرائيونگ جو گهٽ ۾ گهٽ 5 سالن جو تجربو. 4. بنيادي ذميوارين ۾ اهلڪارن جي گاڏي کي محفوظ ۽ وقت جي پابندي سان هلائڻ، گاڏين جي مناسب سار سنڀال کي يقيني بڻائڻ، گاڏين جي معمولي مرمت ۽ صفائي ۾ مدد ڪرڻ، ٽرپ لاگز، فيول لاگز، ۽ گاڏين جا رڪارڊ برقرار رکڻ شامل آهن.
4	ميس انچارج	01	وڌ ۾ وڌ 45 سال	1. انٽرميڊئيٽ. 2. ميس، ڪيفيٽريا، يا ڪيٽرنگ سروسز کي هلائڻ يا انهن جو انتظام ڪرڻ، بورچيخاني جي عملي، سروس عملي جي نگراني ڪرڻ ۽ پروڪيورمينٽ، بجيٽ، انوينٽري، ۽ اسٽورز مينيجمينٽ، سرڪاري تقريبن، ڊنر، ۽ وي آءِ پي فنڪشنز جي ڪوآرڊينيشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو. 3. بنيادي ذميدارين ۾ ميس آپريشنز، کاڌي جي تياري، مينيو پلاننگ، معيار ڪنٽرول ۽ ميس اڪائونٽس جو مجموعي انتظام شامل آهي.
5	ايڊمنسٽريشن انچارج	01	وڌ ۾ وڌ 45 سال	1. انٽرميڊئيٽ. 2. آفيس سهولتن جي انتظام، آفيس انوينٽري مانيٽرنگ، لوئر اسٽاف جي مئنيجمينٽ، انوينٽري ڪيپنگ، ۽ سرڪاري تقريبن جي انتظام ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو.
6	بورچي	04	وڌ ۾ وڌ 45 سال	1. ميٽرڪ. 2. ميس، ڪچن، يا ريسٽورينٽ ۾ کاڌو تيار ڪرڻ، وڏي تعداد ۾ ماڻهن لاءِ کاڌو پچائڻ، لوڪل ۽ ڪانٽينينٽل ٻنهي قسمن جي کاڌن جي هينڊلنگ، بورچيخاني جي صفائي ۽ حفاظت کي برقرار رکڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 سالن جو تجربو.
7	ويٽرز	04	وڌ ۾ وڌ 40 سال	1. ميٽرڪ. 2. ميس/ڪيفيٽيريا/ريسٽورنٽ سروس، مهمانن کي کاڌو ۽ مشروبات پيش ڪرڻ، ٽيبل سيٽ اپ سنڀالڻ ۽ صفائي ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 2 سالن جو تجربو.
8	سينيٽري ورڪر	05	وڌ ۾ وڌ 40 سال	1. ميٽرڪ کان گهٽ. 2. آفيس/ميس/عمارت جي صفائي، ڪچري جي نيڪال ۽ صفائي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 سالن جو تجربو.

ڊپٽي سيڪريٽري (ايڊمن)
گهرو کاتو، حڪومت سنڌ

INF-KRY/12/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ آف سنڌ

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ڊائريڪٽوريٽ اينيمل هسبنڊري سنڌ، حيدرآباد پاران ڊولپمينٽ بجيٽري پرووزن اي ڊي پي اسڪيم نمبر1501 سال 2025-2026 جي پروڪيورمينٽ لاءِ وٽرنري ويڪسين ۽ SNE بجيٽري پرووزن ڊپٽي ڊائريڪٽر، لائيو اسٽاڪ/ اينيمل هسبنڊري شهيد بينظير آباد جي آفيس فرنيچر، مشينري اوزار ۽ اسپتال جي ٽولز جي پروڪيورمينٽ جي لاءِ مجاز ڊيلرن/ مينوفيڪچررز کان جيڪي انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ سنڌ بورڊ آف روينيو ٽيڪس (ايس ايس ٽي رولز 2012) تحت واڪ گهرائجن ٿا جن جو مقدار ۽ تفصيل مقرر سيڪشن-2 شيڊيولڊ رڪوائرمينٽ واڪ دستاويزن ۾ جاڻايل آهي.

سيريل نمبر	لاٽ جو تفصيل	ٽينڊر نمبر
01	وٽرنري ويڪسين	NO.DAH/AC-Tender/DEV/2025-2026/02
02	آفيس فرنيچر	
03	ريفريجريٽر	
04	وٽرنري ايڪيوپمينٽ/ ڪٽس	

درخواست سان گڏ هيٺ ڏنل معلومات / دستاويز شامل هجڻ گهرجن:

1. فرم جو نالو قيام جي سال سان گڏ ۽ مڪمل پتو، خط و ڪتابت لاءِ فرم پاران اختيار ڪيل شخص جو ٽيليفون نمبر (جيڪڏهن ڪو هجي).
2. گذريل ٽن سالن کان جاري ڪيل دوائن، ويڪسين، اوزارن، فرنيچر، سامان (اسپتال جا اوزار) وغيره جي تفصيل سان گڏ تجربي جو ثبوت.
3. مجاز اختياري، DRAP وٽ رجسٽريشن جو ڪارگر ثبوت.
4. اطمينان بخش رپورٽ سان گڏ موجوده سٺي پيداوار جي طريقن (cGMP) جو ڪارگر ثبوت.
5. مالي انتظام (ساليانو ٽرن اوور) ۽ ٽيڪنيڪل عملي جا تفصيل.
6. شيڊيولڊ بينڪن پاران فرم جي نالي تي گذريل ٽن سالن لاءِ جاري ڪيل مالي اسٽيٽمينٽ.
7. آڊٽ رپورٽ گذريل 03 سالن جون.
8. ڪنهن به سرڪاري / نيم سرڪاري کاتي / تنظيم (جيڪڏهن ڪو هجي) جي خلاف ڪنهن به ثالثي / مقدمي يا ساڳئي ڪارروائي جا تفصيل.
9. عدالتي ڪاغذ تي اهو عهد وٺڻ ته فرم کي ماضي ۾ ڪنهن به سرڪاري / نيم سرڪاري کاتي / تنظيم پاران ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.
10. ايف بي آر / ايس آر بي سان رجسٽريشن سان گڏ گذريل ٽن سالن جي آمدني ٽيڪس / سيلز ٽيڪس جي ادائيگي جو سرٽيفڪيٽ ۽ فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ (اي ٽي ايل) جي ڪاپي.

نوٽ:
واڪ ڏيندڙ ٽينڊر دستاويز، تفصيلي وضاحتون ۽ ڪابہ وڌيڪ معلومات آن لائين EPADS ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان اشاعت جي تاريخ کان آخري تاريخ تائين حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ اهي سومر 26 جنوري، 2026 تي ساڳي آفيس ۾ منجهند 12:30 وڳي کوليا ويندا.

1. ٽينڊر واڪ EPADS ذريعي لازمي اليڪٽرانڪ طور تي جمع ڪرائڻ گهرجن. هن ٽينڊر دستاويز ۾ ڪنهن به شق کي دستي جمع ڪرائڻ جي درخواست ڪندي تبديل ڪري سگهجي ٿو ۽ ”EPADS ذريعي“ پڙهي سگهجي ٿو.
2. مهرباني ڪري EPADS ذريعي اي-پروپوزل ۾ واڪ سيڪيورٽي 2.5% جي ڪاپي شامل ڪريو ۽ اصل واڪ سيڪيورٽي ٽيڪنيڪل پروپوزل (هارڊ ڪاپي) ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي افتتاح دوران EPADS پورٽل تي جمع ڪرائڻ لاءِ ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ حيدرآباد جي حق ۾ واڪ سيڪيورٽي 2.5% (قابل واپسي) اصل صورت ۾ آخري تاريخ کان اڳ جمع ڪرائڻي پوندي.
4. واڪ جو مدو 90 ڏينهن تائين آهي (جيڪو ايس پي پي آر اي رولز 2010) ترميم ٿيل موجب وڌائي سگهجي ٿو
5. خريداري جو طريقو: (سنگل اسٽيج ون اينويلپ پروسيجر) رول 46(1) ايس پي پي آر اي جي رول (2010) جي شق جي بار بار ترميم مطابق ڪئي وئي.

جمع ۽ کولڻ:

تفصيل	تاريخ	وقت	هنڌ
بند ٿيڻ:	26-01-2026	منجهند 12:00 وڳي	ڊائريڪٽوريٽ آف اينيمل هسبنڊري سنڌ گرائونڊ فلور بلاڪ-A شهباز بلڊنگ، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.
کولڻ:	26-01-2026	منجهند 12:30 وڳي	

وڌيڪ معلومات جيڪڏهن گهربل هجي ته ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي ڪم جي ڪلاڪن دوران هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڊائريڪٽر
اينيمل هسبنڊري سنڌ

INF-KRY.NO.0047/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT